# هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
# سنتن ڀريو بيان



(Sindhi)

# كراماتِ خواجه
# غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# كراماتِ خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 324 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”152رحمت ڀري حڪايات“ جي صفحي نمبر 251 تي آهي: حضرت سَيِدُنا شيخ حسين بن احمد ڪوّاز بِسطامي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائين ٿا: مون اللهعَزَّوَجَلَّ کان دُعا گهري: يااللهعَزَّوَجَلَّ! آئون خواب ۾ ابُو صالح مُؤذّن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي ڏسڻ چاهيان ٿو، پوءِ منهنجي دُعا قبول ٿي ۽ مون انهن کي خواب ۾ بهتر حالت ۾ ڏسي پڇا ڪئي: اي ابُو صالح! مون کي اتي جي احوال بابت خبر ڏيو تہ فرمايائون: اي ابُو حَسَن! جيڪڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات تي دُرود شريف جي ڪثرت نہ ڪيان ها تہ مان هلاڪ ٿي وڃان ها.(1)

1...152 رحمت بهري حكايات،ص۲۵۱



www.dawateislami.net

اپنے خَطاواروں کو اپنے ہی دامَن میں لو
کون کرے یہ بَھلا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ۞ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ۞ ڏسي بيان ڪندس ۞ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## سبزوار جي حاڪم جي توبہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هِند جي سفر دَوران جڏهن حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو سبز وار (موجوده صوبو خُراسان، رضوي ايران) وٽان لنگهڻ ٿيو، تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه اتي هڪ باغ ۾ ترسيا، جنهن جي وچ ۾ هڪ خوبصورت حوض هو، اهو باغ سبزوار جي حاڪم جو هو، جيڪو نهايت ئي ظالم شخص هو، ان جو معمول هيو جو هو پنهنجي هن باغ ۾ اچي شراب پيئندو هو ۽ نشي ۾ خُوب گوڙ شور ڪندو هو، جڏهن حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نفل اَدا ڪرڻ جي لاءِ ان باغ ۾ موجود



www.dawateislami.net

حوض تي وُضُو ڪرڻ لڳا تہ مُحافظن پنهنجي حاڪم جي سختي جو احوال عرض ڪيو ۽ درخواست ڪئي تہ اوهان هتان ڪان هليا وڃو، ڪٿي حاڪم اوهان ڪي ڪو نُقصان نہ پهچائي. پاڻ رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ فرمايائون: اللہ عَزَّوَجَلَّ منهنجو حافِظ وناصِر (يعني حِفاظت ۽ مَدَدَ ڪرڻ وارو) آهي.انهيءَ دَوران حاڪم باغ ۾ داخل ٿيو ۽ سِڌو حَوض ڏانهن آيو، ان پنهنجي عيش و عشرت جي جڳهہ تي هڪ اجنبي دَرويش (يعني صاحبِ معرفت) کي ڏٺو تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ان ڪان پڇيائين تہ ان جو اهو اوهان ڪي ڪجهہ چوي پاڻ رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ ان تي هڪ نظر وڌي تہ ان جي حالت ئي بدلائي ڇڏي. حاڪم پاڻ رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ جي جلال کي برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ بي هوش ٿي زمين تي ڪِري پيو. نوڪرن چهري تي پاڻي جا ڇنڊا هنيا، جيئن ئي هوش ۾ آيو هڪدم پاڻ رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ جي پيرن تي ڪِري پُرن عقيدن ۽ گناهن ڪان توبہ ڪئي ۽ اوهان جي هٿ مُبارَڪ تي بيعت ڪئي.

حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ جي انفرادي ڪوشش سان سبزوار جي حاڪم ظُلم ۽ زور زبردستي سان گڏ ڪيل سموري دولت، اصل مالڪن کي موٽائي ڏني ۽ پاڻ رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ جي صُحبت ۾ رهڻ لڳو. حضرت خواجہ غريب نواز رَحمَۃ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ ڪجهہ ئي عرصي ۾ ان کي باطني فيض سان مالا مال ڪري خِلافت عطا ڪئي ۽ اتان ڪان هليا ويا.[2]

دُنیا کی حکومت دو نہ دولت دو نہ ثَروت
قدموں سے لگالو مجھے قدموں سے لگالو

ہر چیز ملی جام محبّت جو پِلایا
خواجہ ہے زمانے نے بڑا مجھ کوستایا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص532)

---

2... اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص ۵۱۱ ملخصاً



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ خواجہءِ خواجگان، حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ڪيتري قدر بلند ۽ اعليٰ شان و شوڪت وارا هئا. يقيناً اها سندن ڪرامت هئي جو اوهان جي نگاهہ ولايت، جڏهن هڪ ظالم و جابر ۽ شرابي شخص تي پئي، تہ ان جي دل جي دُنيا هيٺ مٿي ٿي وئي ۽ اهو پنهنجي گُناهن ۽ بُرن عقيدن توبہ ڪري پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي صُحبت جي برڪت سان پرهيزگارن ۾ شامل ٿي ويو.

اِستقامت مذہب اسلام پر مل جائے کاش! ہاتھ اُٹھاکر کرُدعا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! هاڻي سلطانُ الْعارِفِين، خواجَہءِ خواجگان حضرت سَيدُنا خواجہ مُعينُ الدّين چشتي اَجميري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جا زندگي جا مختصر احوال ٻُڌون ٿا:

## وِلَادتِ باسعادت

حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز سَيد مُعينُ الدّين حسن سَنجَري چشتي اَجميري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ 537ھ ۾ ايران جي عَلاقي "سَنجَر" ۾ پيدا ٿيا.[3]

## نالوءِ نسبي سلسلو

پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو نالو مبارڪ حسن آهي ۽ پاڻ نَجِيبُ الطَّرَفَين يعني حسني وحسيني سَيّد آهن. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جا لقب تہ تمام گهڻا آهن، پر

---

3... اقتباس الانوار، ص٣٤٥



www.dawateislami.net

مشهور ۽ معروف لقبن ۾ مُعينُ الدّين، خواجہ غريب نواز، سُلطانُ الهند، وارثُ النبي ۽ عطاءِ رسول وغيره شامل آهن.

يا معينَ الدِّين اجميری! کرم کی بھیک دو

ازپئے غوث و رضا خواجہ پیا خواجہ پیا (وسائلِ بخشش مرمم، ص536)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## والدين كريمين

حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جا والد سڳورا حضرت سَيد غياثُ الدّين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو شمار”سنجر“ جي اَمِيرن ۽ سردارن ۾ ٿيندو هو، نهايت مُتَّقِي، پرهيز گار ۽ صاحبِ كرامت بُزرگ هئا. ۽ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي امڙ سائڻ، بي بي ماه نُور رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيها بہ گهڻو وقت عبادت و رِياضت ۾ مشغول رهڻ واري نيڪ سيرت خاتون هيون.[4] جڏهن حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پندرهن (15) سالن جي عُمرتائين پهتا تہ والدِ مُحترم جو انتقال ٿي ويو. وراثت ۾ هڪ باغ ۽ هڪ پَن چڪي (يعني پاڻي جي مدد سان هلڻ واري اٽي پيسڻ واري چڪي) مليي، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ان کي مُعاش جو ذريعو بڻايو ۽ باغ جي نگهباني بہ پاڻ ئي ڪندا هئا ۽ وٽن کي پاڻي ڏيندا هئا.[5]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي اهو ئي باغ هو جنهن ۾ هڪ ولي جو اَدب و

---

[4] ... اللہکے خاص بندے عبدہ، ص ۵۰۶، ملخصاً

[5] ... مرآة الاسرار، ص۵۹۳، بتغير



www.dawateislami.net

اِحترام ۾ ان جي خدمت ڪرڻ جي ڪري اللهعَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیہ کي وِلايت جي اعليٰ مرتبي تي فائز ڪري ڇڏيو. جيئن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي "خوفناک جادوگر"جي صفحي 10 تي فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن پاڻ رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیہ باغ جي بوٽن کي پاڻي ڏئي رهيا هئا تہ ان دؤر جا مشهور مَجذُوب بُزرگ حضرت سيِّدُنا ابراهيم قندَوزي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ باغ ۾ تشريف فرما ٿيا، جيئن ئي اوهان جي نظر **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ان مقبول ٻانهي تي پئي، جلدي ۾ سمورو ڪم ڪار ڇڏي آيا ۽ سلام ڪري هٿ چمي ۽ انتهائي ادب سان هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهاريو، پوءِ انهن جي خدمت ۾ تازن انگورن جو هڪ ڇُڳو نهايت عاجزي سان پيش ڪيو ۽ گوڏن ڀر ويهي رهيا. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ولي کي ان نوجوان مالهي جو انداز وڻي ويو، خوش ٿي پنهنجي بغل مان هڪ کليءَ جو ٽڪر ڪڍي، چٻاڙي خواجہ صاحب رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي وات ۾ وڌائون. کلي جو ٽڪر جيئن ئي نڙي مبارڪ کان هيٺ لٿو، خواجہ صاحب رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي دل جي ڪيفيّت هڪدم بدلجي وئي ۽ دل دنيا کان بيزار ٿي وئي. پاڻ رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیہ باغ، پن چڪي ۽ سازو سامان وڪڻي، سمورا پئسا فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ ديني علم حاصل ڪرڻ جي خاطر راهِ خدا جا مسافر بڻجي ويا.[6]

اِستقامت مذہبِ اسلام پر مل جائے کاش!

ہاتھ اُٹھا کر کر دُعا خواجہ پِیا خواجہ پِیا

---

[6]... مرآة الاسرار، ص۵۹۳،بتغير



www.dawateislami.net

(وسائلِ بخشش مرمم، ص538)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سلطانُ الهند جو سفر

سُلطانُ الهند حضرت سَيدُنا خواجہ مُعينُ الدّين چشتي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه 15 سالن جي عُمر ۾ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفرَ شروع ڪيو ۽ سَمَرقَند ۾ حضرت سَيدُنا مولانا شَرَفُ الدّين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي باقاعده علمِ دين جي شروعات ڪئي. اگ ۾ قرآنِ پاڪ حفظ ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ انهن ڪان ٻيا علم پڻ حاصل ڪيا.(7) پر جيئن جيئن علمِ دين حاصل ڪندا ويا، علم جو ذوق وڌندو ويو، پوءِ علم جي سِڪ لاهڻ جي لاءِ بُخارا جو رُخ ڪيو ۽ شُهره آفاق عالِمِ دين مولانا حُسَامُ الدّين بخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي شاگردي اِختِيار ڪئي ۽ پوءِ انهن جي شفقتن جي ڇانو ۾ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه ڪجھ ئي وقت ۾ ان وقت جا رائج تمام ديني عُلوم حاصل ڪري ورتا. اهڙي طرح پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه سَمَرقند ۽ بُخارا ۾ مجموعي طور تقريباً پنج (5) سال علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ قيام فرمايو.(8) بهرحال هن عرصي ۾ ظاهري عُلوم جي تڪميل تہ ٿي وئي، پر جنهن تڙپ جي ڪري گھربار کي ڇڏيو هو ان جي تسڪين اجا باقي هئي، پوءِ

ڪامل مُرشد جي ڳولها ۾ بُخارا ڪان حجاز جو سفر شروع ڪيو. واٽ

7… الله کے خاص بندے عبدہ، ص ٥٠٨ ملخصاً
8… اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص ٥٠٨ ملخصاً



www.dawateislami.net

تي جڏهن نيشاپور (صوبہ خُراسان ،ايران) جي نواحي علاقي”هاروَن“ وٽان گُذر ٿيو ۽ مردِ قلندر، وقت جي قُطب حضرت سَيدُنا خواجہ عُثمان هاروَني چشتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي شهرت ٻڌي تہ هڪدم خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ انهن جي دستِ حق پرست تي بيعت ڪري سلسلہ چشتيہ ۾ داخل ٿي ويا.[9] مطلب تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه سڄي زندگي رسولِ هاشمي، مکي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشاداتِ عاليہ کي عام ڪرڻ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي.

تیری اُلفت میں جیوں تیری محبّت میں مروں
ہو کرم ایسا شہا! خواجہ پیا خواجہ پیا (وسائلِ بخشش مرمم،ص537)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو ذوقِ عبادت ۽ سادگي

حضرت سيدُنا خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه نهايت ئي متقي ۽ پرهيز گار هئا ۽ جو نہ هجن ها جو قرآن شريف ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ولين جي نشاني پرهيزگاري بہ بيان فرمائي آهي جيئن ارشادِ رَبّاني آهي:

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ (پ١١،يونس:٦٢-٦٣)

ترجَموڪنز الايمان: ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي ڪو بہ خوف نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو غم. اُهي جن اِيمان آندو ۽ تقويٰ اختيار ڪندا رهيا.

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي پرهيزگاري جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ

---

9... مرآة الاسرار،ص۵۹۴ ملخصاً



www.dawateislami.net

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هميشه باوُضُو رهڻ جا عادي هئا، پنهنجو گهڻو وقت يادِ الٰهي ۾ گذاريندا هئا ۽ اکيون بند رکندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي شوقِ تلاوت ۽ ذوقِ عبادت جو اندازو هن ڳالهه ۾ لڳائي سگهجي ٿو جو هر ڏينهن ۽ هر رات ۾ هڪ هڪ پيرو قرآن شريف ختم ڪندا هئا، ۽ پڻ هر ختمِ قرآن تي هاتِفِ غيبي مان آواز ايندو هو ته اسان توهان جي ختمِ قرآن ڪي قبول فرمائي ورتو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جون راتيون عبادت ۾ گذرنديون هئيون ۽ ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذرندا هئا، صرف شام جو ٿورو وقت ٿوري سُڪل ماني پاڻي ۾ پُسائي کائيندا هئا، اڪثر عشاء جي وُضُو سان فجر جي نماز ادا ڪندا هئا، سادگي جو هي عالَم هو جو چتيون لڳل، پر صاف سُترا ڪپڙا پائيندا هئا.[10]

دِل سے دُنیا کی محبت کی مصیبت دُور ہو

دید و عشقِ مُصطفٰے خواجہ پیا خواجہ پیا (وسائلِ بخشش مرمم، ص 537)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روضي مبارڪ مان مُعينُ الدِّين جو لقب مليو

جڏهن حضرت سيدُنا خواجہ غريب نواز حسن سَنجَري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي پيرو مُرشِد حضرت سَيدُنا خواجہ عُثمان هارُوني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان فُيوض و بَرڪات حاصل ڪري، الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان وِلايت جي مرتبي تي

[10] ... سيرِ الاقطاب، ص ١٣٦ ملخصاً



www.dawateislami.net

فائز ٿيا، تہ انهن جي اِجازت سان سفر تي روانا ٿيا، سَفَر دَوران پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جتي بہ قيام كندا هئا، جيكڏهن اتي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي توري بہ شُهرت ٿي ويندي هئي تہ اتان كان اڳتي هليا ويندا هئا، ائين مختلف هنڌن تان گذرندي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مَكہ مُكرَّمَہ پهتا ۽ كجھ ڏينهن اتي قيام كرڻ كان پوءِ مدينہ منوّره ڏانهن آيا ۽ روضَہ رسول جي زيارت سان مشرّف ٿيا ۽ ان جي ويجهو مقيم ٿي ويا، هك ڏينهن سيدُ الْمُرسَلين، خَاتَمُ النَّبِيين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان اها بشارت ملي تہ اي مُعينُ الدِّين تُون اسان جي دِين جو مُعِين (يعني دِين جو مددگار) آهين، توكي هند جي وِلايت عطا كئي آهي، اجمير وڃ، تنهنجي وُجُود سان بي دِيني ختم ٿيندي ۽ اسلام جي رونق ۾ اِضافو ٿيندو.[11] پوءِ حضرت سيدُنا سلطانُ الهنّد خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مدينة الْهند اجمير شريف تشريف كڻي آيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مُسلسل كوشش سان ماڻهو ولرن جا ولر اچي اسلام كي قبول كرڻ لڳا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! سرزمينِ هند ۾ سالن كان اللهُ تعاليٰ جي عبادت نہ كئي ويندي هئي، ظُلم و سِتم، حق تلفي ۽ قتل و غارت كي عزّت ۽ شان تصوّر كيو ويندو هو، پوءِ نبي اكرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّم جي حكم تي جڏهن حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هند جي سرزمين تي تشريف وٺي آيا تہ اتي جي اجنبي ماحول ۽ خطرناك حالتن ۾

---

[11] ... سيرالاقطاب ص١٤٢ مفهوماً و ملخصاً



www.dawateislami.net

اِستقامت جو جبل بڻجي باطل قوّتن جو مقابلو ڪيو، آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مُسلسل ڪوشش رنگ لاتو ۽ هنْد ۾ هر پاسي اسلام جو پرچم بلند ٿيڻ لڳو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهه ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ خواجۂ هنْد حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جڏهن هنْد ۾ اسلام جي شمع روشن ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٺي آيا، تہ پاڻ سان وڏو لشڪر، تير، تلوار يا ڪنهن بہ قسم جو هٿيار هرگز هرگز گڏ نہ ڪٺي آيا، بلڪ اسلامي ثقافت، حُسنِ اَخلاق ۽ بلند ڪردار گڏ ڪٺي آيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه قرآني آيتن، حديث سڳورين ۽ بزرگن جي سهڻن قولن ذريعي ماڻهن جي اِصلاح ڪئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مُبارَڪ مجلسن ۾ شريعت و طريقت ۽ حقيقت و معرفت ڏانهن ماڻهن کي مُتوجّہ ڪيو ويندو پڻ فرائض و سنّت، پاڪيزگي و طهارت، صِدق و اِخلاص، خوفِ خُدا و عشقِ مُصطَفٰي ۽ مخلوقِ خُدا جي خِدمت و محبت جو درس ڏنو ويندو هو.جيئن تہ

هڪ ڀيري ماڻهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي بارگاهہ ۾ هي سوال ڪيا تہ اهو ڪهڙو نيڪ عمل آهي، جيڪو ٻانهي کي دوزخ جي عذاب کان محفوظ رکندو؟ تہ ارشاد فرمايائون: بي وس ماڻهن جي مدد ڪرڻ، ضرورت مندن جي ضرورت پوري ڪرڻ ۽ بکايل کي کاڌو کارائڻ. ان کان پوءِ ارشاد فرمايائون تہ جنهن شخص ۾ ٽي (3) خصلتون هونديون اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي دوست رکندو (1) دريا جهڙي سخاوت (2) آفتاب جهڙي شفقت ۽ (3) زمين جهڙي تواضع (انڪساري) ۽ عاجزي.(12)

[12]... سير الاقطاب،۱۴۰بتغير قليل



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا خواجہ مُعينُ الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه گهڻين ئي ظاهري ۽ باطني خُوبين جا مالڪ هئڻ سان گڏوگڏ نهايت ئي عظمت و شان وارا بُزرگ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا برگُزيده ولي پڻ هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي نگاهہ فيض جي بدولت نہ صرف گهڻن گُناهگارن توبہ ڪئي بلڪ لڪين غير مُسلمن بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي دستِ حق پرست تي اسلام بہ قبول ڪيو. اچو! خواجہ صاحب جون ڪي ايمان افروز ڪرامتون پڙهون ٿا، پر هن ڪان پهريان ڪرامت جي وصف بہ ذهن نشين ڪري وٺون. جيئن تہ

## ڪرامت ڇا ڪي چئبو آهي؟

صدرُ الشَّريعہ،بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانامفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بهارِ شريعت ۾ ڪرامت جي وصف بيان ڪندي فرمائن ٿا: ولي کان جيڪا ڳالھ عادت جي خلاف صادر ٿئي، ان کي ڪرامت چئبو آهي.[13] ۽ ڪرامت جو حڪم بيان ڪندي فرمائن ٿا: ڪرامتِ اولياء حق آهي، ان جو مُنڪر (يعني اِنڪار ڪرڻ وارو) گمراهہ آهي.[14] شيخ الحديث حضرت علّامہ مولانا مفتي عبدُالمُصْطَفٰي اَعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه اِرْشاد فرمائن ٿا: مُتَّقِي مُؤمِن کان جيڪڏهن ڪا اهڙي نادِرُالوجود ۽ تعجب خيز شيء صادر ۽ ظاهر ٿئي جيڪا عام طور تي عادتاً نہ ٿيندي هجي تہ ان کي

---

13 ... بهارِ شريعت،حصہ اول،۱/۵۸ بتغيرقليل

14 ... بهارِ شريعت، حصہ اول،۱/۲۶۹



www.dawateislami.net

”كَرَامَت “ چوندا آهن. اهڙي قسم جون شيون جيكڏهن انبياء عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَامُ كان اِعْلانِ نُبُوّت كان پهريان ظاهر ٿين تہ ان كي ”اِرْهَاص“ ۽ اِعْلانِ نُبُوّت جي بعد ٿين تہ ”مُعْجِزَه“ چيو ويندو آهي ۽ جيكڏهن عام مؤنن كان اهڙي قسم جي شيون ظاهر ٿين تہ ان كي ”مَعُونَت“ چوندا آهن ۽ كنهن كافر كان كڏهن ان جي خواهش جي مطابق ان قسم جون شيون ظاهر ٿين تہ ان كي ”اِسْتِدْرَاج“ چيو ويندو آهي.[15] خلافِ عادت شيء مان مراد اهو كم آهي جيكو عام طور تي هر كنهن انسان كان ظاهر نہ ٿيندو هجي مثال طور هوا ۾ اُڏامڻ، پاڻي تي هلڻ وغيره اَفعال چو تہ عام طور تي ماڻهو نہ هوا ۾ اڏامي سگهي ٿو ۽ نہ ئي پاڻي تي هلي سگهي ٿو.[16]

## ولي كنهن كي چئبو آهي

حضرت سَيدُنا علاّمہ سعدُ الدّين مسعود بن عُمر تفتازاني رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ولي ان شخص كي چيوَ ويندو آهي جيكو ممكن حد تائين الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي صفتن جي معرفت (يعني سڃاڻپ) ركندو هجي، عبادات جي پابندي كندو هجي ۽ هر قسم جي گناهن، لذّتن ۽ شهوتن كان بچندو هجي.[17]

تُو اپني ولايت کی خيرات دے دے     مرے غوث کا واسطہ يا الٰہی

---

[15] ... كراماتِ صَحَابہ، ص٣٦

[16] ... فيضانِ مزاراتِ اولياء،ص٤٦

[17] ... شرح العقائد،كرامات الاولياء حق،ص٣١٣



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو هاڻي خواجہ صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جون ڪجھ ايمان افروز ڪرامتون ٻڌون ٿا:

## بي گُناهہ مقتول کي ٻيهر زنده ڪري ڇڏيو

هڪ ڀيري ڪنهن حاڪم هڪ شخص کي بي گُناهہ ڦاسي تي چڙهائي ڇڏيو. مقتول جي ماءُ روئيندي حضرت سَيِدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي بارگاهہ ۾ فرياد جي لاءِ حاضر ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ حاڪم منهنجي پٽ کي ناحق ڦاسي ڏني آهي، خُدا جي واسطي منهنجي مَدَد ڪيو. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهي وقت وُضُو ڪري رهيا هئا، فرياد ٻڌي پنهنجو عصا (لَٺِ)، مُبارَڪ هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان عورت سان گڏ ان جي مقتول پٽ ڏانهن روانا ٿيا، مُريد بہ گڏ هلڻ لڳا تہ ڏسون اڄ غيب جي پردي مان ڪهڙو واقعو ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہان مقتول وٽ پهتا تہ ڪجھ دير تائين ماٺ ڪري ٻيهي ان جي لاش کي ڏسندا رهيا ۽ پوءِ عصا (لَٺِ) جي ذريعي اُن جي گردن تي ڇهوئي ارشاد فرمايائون تہ اي مظلوم! جيڪڏهن واقعي توکي بي قُصُور ماريو ويو آهي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ٿي وڃ. مُبارَڪ زبان مان هنن لفظن جو نڪرڻ ئي هو جو مُردو ٻيهي رهيو ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي پيرن تي ڪِري پيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان کي پنهنجي ماءُ سان گڏ وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ پنهنجي مُريدن کي فرمايائون تہ مؤمن ٻانهي جو پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ سان ايترو تَعَلُّق تہ ضرور هجڻ گهرجي جو اهو اللہ عَزَّوَجَلَّجي بارگاهہ



www.dawateislami.net

۾ ڪا درخواست ڪري تہ اها قبول ٿي وڃي.[18]

ڪاش! قسمت سے مدینے میں شہادت پاؤں میں
ہاتھ اُٹھا کر کر دُعا خواجہ پیا خواجہ پیا (وسائلِ بخشش مرمم، ص539)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تاجُ الْعاشِقِين،سُلطانُ العارِفِين حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه جي ڪرامتن مان هڪ ڪرامت اها بہ آهي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي پري پري جو آواز ٻڌڻ جي نعمتِ عظميٰ کان پڻ نوازيو هو ۽ ائين چو نہ هجي چوتہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ۽ مُقرَّب ولين مان هئا ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جنهن کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي تہ مُصْطَفٰي ڪريمن جي طفيل ان جي لاءِ دُور و نزديڪ جا آواز ٻڌڻ يا شيون ڏسڻ، بلڪل بہ مشڪل نہ رهندو آهي، جيئن تہ

## محبوبانِ خُدا جو مرتبو

تاجدارِ حَرم، سَراپا جُود و ڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیه وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي تہاللہ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: جنهن منهنجي ڪنهن ولي سان دُشمني رکي، مون ان سان جنگ جو اعلان ڪيو آهي، منهنجي ڪنهن ٻانهي فرض جي ادائيگي کان وڌيڪ محبوب شيءِ سان منهنجو قرب حاصل ناهي ڪيو ۽ منهنجو ٻانهو نفل جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي،

---

[18] … سِيَرُ الاَقطاب،ص ۱۴۲ ملخصاً



www.dawateislami.net

ايستائين جو مان ان کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي ۽ جڏهن مان ان کي محبوب بڻائيندو آهيان ته مان ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان، جن سان اهو ٻڌوندو آهي، ان جون اکيون بڻجي ويندو آهيان جن سان اهو ڏسندو آهي، ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان جن سان اهو پڪڙندو آهي، ان جا پير بڻجي ويندو آهيان جن سان اهو هلندو آهي جيڪڏهن اهو مون کان سوال ڪري ته مان ان کي ضرور عطا ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کان منهنجي پناهه گهري، ته مان ان کي ضرور پناهه عطا ڪندو آهيان.(19)

حضرت سَيِدُنا امام فخر الدّين رازي رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه بيان ڪيل حديثِ قُدسي جي معنيٰ ۾ محبوبيت جيَ منصب جي عظمت کي بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: ٻانهو جڏهن نيڪين جي پابندي ڪندو آهي، ته اهو اهڙي بلند مقام تي وڃي پهچندو آهي جو جنهن جي باري ۾ اللہتعاليٰ فرمائي ٿو ته مان ان جا ڪن ۽ اکيون بڻجي ويندو آهيان (اللهعَزَّوَجَلَّ جو پنهنجي ٻانهي جو ڪن، اک، هٿ ۽ پير بڻجڻ جو مطلب هي آهي ته) اللهربُّ الْعِزَّتعَزَّوَجَلَّ جي جلال جو نُور جڏهن اُن محبوب ٻانهي جي ڪنن ۾ سَرايت ڪندو آهي، جنهن جي برڪت سان اهو پري ويجهو جي هر آواز کي ٻڌي وٺندو آهي، جڏهن اهو نُور ان جي اکين ۾ سَرايت ڪندو آهي، ته اهو دُور و نزديڪ جي هر شيءِ کي ڏسي وٺندو آهي، ۽ اهو ئي نُور جڏهن محبوب ٻانهي جي هٿن ۾ جلوه گر ٿيندو آهي، ته اهو دُور و نزديڪ جي مُشڪل کان مشڪل (۽ نهايت

---

19... بخارى ،كتاب الرقاق،باب التواضع ،حديث:۶۵۰۲،۴/۲۴۸



www.dawateislami.net

حيرت انگيز قسم جا) ڪم سَرانجام ڏيڻ تي بہ قادر ٿي ويندو آهي.[20] اچو! پري جو آواز ٻڌڻ جي باري ۾ تاجُ الْمقرَّبين، رهنماءِ ڪاملين حضرت سَيِدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي هڪ ڪرامت اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو:

## پري جي آواز ڪي بہ ٻڌي ورتائون

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 106 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غوثِ پاڪ ڪے حالات“ جي صفحي 67 تي آهي تہ جنهن وقت حضور سَيِدُنا غوثِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه بغداد ِمُقدَّس ۾ ارشاد فرمايائون: قَدَمِي هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللهِ يعني منهنجو هي قدم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هر ولي جي گردن تي آهي. تہ ان وقت خواجہ غريب نواز سَيِدُنا مُعينُ الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾ خراسان جيَ جبلن ۾ عبادت ڪندا هئا، اتي بغداد شريف ۾ ارشاد ٿئي ٿو ۽ هتي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجو مٿو جهڪائي ورتو ۽ ايترو جهڪايو جو مٿو مبارڪ زمين تائين وڃي پهتو پوءِ فرمايائون: بَلْ قَدَمَاكَ عَلٰی رَاْسِيْ وَعَيْنِيْ بلڪ اوهان جا ٻئي قدم منهنجي مٿي ۽ منهنجي اکين تي بہ آهن.

جب سے تُونے قَدَم غَوث لیا ہے سَر پر | اَوْلِیا سَر پر قدم لیتے شاہا تیرا
نہ کیوں کر سَلطَنَت دونوں جہاں کی اُن کو حاصل ہو | سَروں پر اپنے لیتے ہیں جو تَلوا غَوثِ اعظم کا

---

[20] … تفسيرِ ڪبير،الڪهف، تحت الآية:٩ تا٧،١٢/٤٣٦



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيدُنا خواجہ مُعينُ الدّين اَجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي شان و عظمت ۽ مَحَبَّت و عقيدت سان سِينن کيَ پُرنُور ڪرڻ، فيضانِ اَولياء سان فيضياب ٿيڻ ۽ پنهنجي دل ۾ علم و عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“ بہ آهي. درس و بيان جي ذريعي ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارن جو بہ ڪيترو نہ وڏو شان هوندو آهي، جيئن الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي تہ جنهن ڀلائي جو حڪم ڏنو ۽ بُرائي کان منع ڪيو ۽ ماڻهن کي منهنجي فرمانبرداري ڏانهن سڏيو اهو قِيامت جي ڏينهن منهنجي عرش جي ڇانو ۾ هوندو.[21] حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ دين جو قُطبِ اعظم آهي، (يعني اهڙو اَهم رُڪن آهي جو ان سان دين جون تمام شيون وابَستہ آهن) انهيءِ اَهم ڪم جي لاءِ الله تعاليٰ سيني اَنبياءِ ڪرام عَلَیْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي مَبعُوث فرمايو.[22] اچو ترغيب جي لاءِ چوڪ درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## رانا بدمَعاش

صوبي اُترانچَل (هند) جي هڪ 20 سالن جي نوجوان اسلامي ڀاءُ جيڪو

[21] ... حِلْيَۃُ الْاولیاء،کعب الاحبار، ۶/۳۶،رقم:۷۷۱۶ ملتقطاً

[22] ... اِحیاءالْعُلوم، کتاب الامر بالمعروف والنھی عن المنکر،۲/۳۷۷



www.dawateislami.net

ڪجهہ لکيو اهو معمولي تبديلي سان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو ”مان خراب صحبت سبب لڳ ڀڳ 14سالن جي عمر کان ئي ڏوهن جي دنيا ۾ ڦاسي چڪو هُئس، شراب پيئڻ ۽ عورتن جو پيڇو ڪرڻ منهنجو محبوب شُغل هو، پوءِ مون بدمعاشي شروع ڪئي، ماڻهن سان هرو ڀرو وڙهڻ مارڪُٽ ڪرڻ، منهنجي عادت ۾ شامل ٿي ويو، ايتري تائين جو مان ”رانابدمعاش“ جي نالي سان سڃاتو وڃڻ لڳس، مان عمر ۾ ضرور ننڍو هئس، پر ڪنهن کان ڊڄڻ بدران، سامهون واري تي هڪ ٻئي پُٺيان مُتوَاتر ڌڪ هڻڻ شروع ڪري ڇڏيندو هئس. هر طرف منهنجو دابو ٿي ويو، ماڻهو منهنجي نالي کان ڊڄڻ لڳا . والدين مون کان بيزار ٿي چڪا هئا، پر بيوس هئا، منهنجا ڪارا ڪرتوت ڏينهون ڏينهن وڌندا پئي ويا، هڪ ڏينهن گهٽيءَ جي مُنڍ تي هڪ سبز عِمامي واري اسلامي ڀاءُ کي چوڪ درس ڏيندو ڏسي مان ويجهو وڃي بيهي رهيس، جيڪو ڪجهہ ٻڌو اهو سنو لڳو، مون ڪتاب تي نظر وڌي تہ ان تي ”فيضانِ سنت“ لکيل هو، درس ڏيندڙ اسلامي ڀاءُ مون سان ڏاڍي محبت سان مليو ۽ اِنفِرَادي ڪوشش ڪندي مونکي مَدنِي قافلي ۾ سفر جي دعوت پيش ڪئي . فيضانِ سنّت جي درس مون ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي، مون ها ڪري ڇڏي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندي، ”جنڪ پور“ پهتس ۽ وڌيڪ ٽن ڏينهن جي لاءِ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ”جَڳن ناٿ پُور“ وڃڻ واري مَدني قافلي سان گڏ سُنّتُن ڀَريي سفر جي سعادت حاصل ڪئي، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوڪ درس ۽ مَدني قافلي ۾ سفر جي سَعادت حاصل ڪرڻ جي برڪت سان منهنجي دل ۾ مَدني انقلاب پيدا ٿيو ۽ مون ڪيل گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ ڏاڙهي مبارڪ سڄائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي، دعا ڪريو تہ الله ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ مونکي اِستِقَامَتَ عنايت فرمائي .



www.dawateislami.net

منهنجا گهروارا مون ۾ ايندڙ مَدنِي اِنقلاب جي ڪري بيحَد خوش آهن امڙ سانئڻ دعوتِ اسلامي جي لاءِ خوب دعائون ڪندي آهي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون سميت منهنجي گهروارن بہ سلسلۂ عَاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي سرڪارِ بغداد حُضورِ غوثِ پاڪ رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ جي غلاميءَ جو پَٽُو ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو آهي.“

بَخْت کھل جائیں گے، قافِلے میں چلو | جُرم دُھل جائیں گے، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! | صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## باهہ مُعينُ الدِّين جي جُوتي ڪي بہ نہ ساڙي سگهندي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو خواجہ غريب نواز رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ جي هاٿي هڪ اهڙي ڪرامت ٻڌون ٿا تہ جنهن جي برڪت سان ڪيئي غير مسلم اسلام دائري ۾ داخل ٿيا ۽ پاڻ رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ جي خدمت ۾ رهي الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري ٻانهن ۾ شامل ٿي ويا. جيئن تہ

هڪ ڀيري ڪجهہ غير مُسلم حضرت خواجہ مُعينُ الدِّين چشتي رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ جي بارگاهہ ۾ مُلاقات جي لاءِ حاضر ٿيا، جڏهن پاڻ رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ اُنهن تي نگاهہ وڌي تہ پاڻ جي هَيبَتَ (يعني رُعب) جي ڪري اهي ماٺهو ڏڪڻ لڳا ۽ اُنهن جا چهرا ڦڪا ٿي ويا، پاڻ رَحمَۃ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ انهن ڪي غيرُالله جي عبادت ڪان پاسو ڪرڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ جي دعوت ڏيندي ارشاد فرمايائون تہ: جيستائين خُدا تعاليٰ جي عبادت نہ ڪندؤ، دوزخ جي باهہ مان ڇوٽڪارو نٿا حاصل ڪري سگهو، ويجهو ئي باهہ بہ روشن هئي، ان ڪري انهن چيو:اي خواجہ! اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا آهيو نہ! جيڪڏهن



www.dawateislami.net

هي باھ اوهان کي نہ ساڙي تہ اسان مُسلمان ٿي وينداسين. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان اِها باھ مُعينُ الدّين کي تہ ڇا، اُن جي جُوتي کي بہ نہ ساڙيندي، اهو چئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجين جُوتين کي باھ ۾ وڌو ۽ فرمايو: اي باھ! مُعينُ الدّين جي جُوتين جي حفاظت ڪجان، اهو چوڻ هو جو انهيءَ وقت باھ وسامي وئي ۽ اتي موجود سيني ماڻهن اهو غيبي آواز ٻڌو تہ ”باھ کي ڪهڙي مجال جو منهنجي دوست جي جُوتا ساڙي سگهي “ اهو ايمان افروز منظر ڏسي اهي سڀ جا سڀ غير مُسلِم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي شرف حاصل ڪرڻ لڳا ۽ سندن جي خدمت ۾ رهي اَولياءِ ڪاملين بڻجي ويا.[23]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ مذهبي پيشوا جو اسلام قبول ڪرڻ

حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي چاليهہ (40) عقيدت مندن سان گڏ جڏهن هنڊ جي شهر اجمير تشريف ڪٽي آيا تہ پهريان شهر جي ٻاهران هڪ ميدان ۾ وڻ جي ڇانو ۾ ترسيا، پر جيئن تہ اُتي اَجمير جي هڪ غير مُسلم راجہ جي اُنن کي ويهاريو ويندو هو، تنهنڪري راجہ جي ماڻهن جي چوڻ تي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اتان ڪان اتي ويا ۽ اَجمير جي ”آناساگر“ نالي مشهور تلاءُ تي اچي رهائش اختيار فرمائي ۽ عبادتِ الٰهي ۾ مشغول ٿي ويا، پر هتي بہ راجہ جي ساٿين پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي تڪليفون ڏيڻ شُروع ڪري ڇڏيون، ايستائين جو هڪ ڀيري تہ راجہ جي ساٿين جي دلين

---

23… اقتباس الانوار،ص ۳۵۴بتغير قليل



www.dawateislami.net

۾ اهڙي نفرت و عداوت جي باھ پڙڪي جو اهي بدبخت هٿيار کڻي حملو ڪري وڌائون، ان وقت پاڻ رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ نماز ۾ مشغول هئا، نماز کان فراغت کان پوءِ جڏهن خادمن بي چيني جي عالم ۾ اوهان کي هن باري ۾ ٻڌايو تہ پاڻ رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ مٺيءَ جي مٺ ڀري ڪنئي ۽ آية الڪرسي پڙهي ڪري ان تي دم ڪيو ۽ انهن شريرن (فسادين) ڏانهن اڇلائي ڇڏي، اها مِٽي جنهن شخص تي بہ پئي، اهو بنا چرپر ۽ حرڪت جي ڪري پيو، جڏهن انهن جي ساٿين اها ماجرا ڏٺي تہ گهٻرائجي اتان کان ڀڄي نڪتا ۽ پنهنجي هڪ مذهبي پيشوا جي سامهون وڃي سمورو واقعو بيان ڪيو ۽ اُن سان مَدَد جي درخواست ڪئي، پهريان تہ اهو ماٺ رهيو، پوءِ ڪجھ دير بعد چوڻ لڳو تہ يقيناً اهي دَرويش پنهنجي مذهب ۾ نهايت وڏو بُزرگ ۽ صاحبِ ڪمالات آهي، تنهنڪري ان جو مُقابلو صرف جادو جي ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿو پوءِ ان انهن سيني کي هڪ منتر سيکاريو ۽ چيو تہ مون سان گڏ هلو ۽ هن منتر کي پڙهندا رهجو، جڏهن اهي ماڻهو اَنا ساگر جي ويجهو پهتا تہ پنهنجي مذهبي پيشوا جي پويان بيهي منتر پڙهڻ لڳا، خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي هڪ مريد انهن کي منتر پڙهندي ڏٺو تہ پاڻ رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ کي خبر ڏني، پاڻ فرمايائون تہ انهن جو باطل جادُو اسان تي هرگز اثر انداز نٿو ٿي سگهي، بلڪ اِنۡ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ انهن جو هي مذهبي پيشوا سڌي وات تي اچي ويندو، اهو چئي پاڻ رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ نماز ۾ مشغول ٿي ويا، نماز مان فارغ ٿيڻ بعد جڏهن پاڻ رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ انهن ڏانهن نظر فرمائي، تہ انهن جو پيشوا ڏڪڻ لڳو ۽ ان جي واتان رَحِيم رَحِيم جو آواز اچڻ لڳو، جڏهن اُنهن غير مُسلمن اهو ٻڌو تہ ان کي بُرو ڀلو چوڻ لڳا، انهن جي ملامت ڪرڻ تي اهو ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ جيڪا بہ شيءِ ان کي هٿ لڳي ان سان پنهنجي ئي ساٿين تي حملو ڪرڻ لڳو، جنهن جي ڪري اهي سيئي جان بچائي اتان کان ڀڄي نڪتا، حضرت سَيِّدُنا خواجہ صاحب رَحۡمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ۽



www.dawateislami.net

سندن عقيدت مند خاموشي سان هڪ پاسي ويهي اهو سمورو منظر ڏسندا رهيا، پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي خادم جي هٿان پاڻي سان ڀريل هڪ پيالو ان کي پيئڻ جي لاءِ ڏنو، جنهن کي پيئندي ئي ان جي دل مان ڪفر و شِرڪ جون اونداهيون ختم ٿي ويون ۽ اهو پڇي ڪري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي پيرن ۾ ڪري اسلام قبول ڪري ورتو، اسلام آڻڻ کان بعد ان حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سان عرض ڪيو تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي نُوراني حُسن و جمال کي ڏسي مون کي شادي (يعني خُوشي) محسوس ٿي آهي، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايائون تہ نيڪ آ انهي ڪري اڄ کان اوهان جو نالو اسان شادي رکون ٿا.[(24)]

دل سے دُنیا کی مَحبّت کی مُصیبت دُور ہو　　دیدو عشقِ مُصطفٰے خواجہ پیا خواجہ پیا

تیری اُلفت میں جیوں تیری مَحبّت میں مروں　　ہو کرم ایسا شہا! خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبۡحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ اولياءُاللّٰہ جي تبليغ جو انداز بہ ڪيتري قدر عالي شان هوندو آهي جو اهي سڳورا مُشڪل کان مُشڪل حالتن ۾ بہ صبر و اِستِقامت جو دامن هٿن مان نہ ڇڏيندا هئا، بلڪ راهِ خُدا ۾ اچڻ وارين تڪليفن کي خُدا عَزَّوَجَلَّ جي مرضي سمجهي ڪري خوش مزاجيءَ سان برداشت ڪندي منزلِ مقصود ڏانهن وڌندا رهندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

24… سِيَرُ الاَقطاب، ص۱۴۳تا ۱۴۴ ملخصاً



www.dawateislami.net

# مجلسِ مزاراتِ اولياء

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سُنّتن جون ڌومون مچائڻ، عِلْمِ دين جا ڏيئا ٻارڻ ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اولياءُالله جي محبت ۽ عقيدت وڌائڻ ۾ مصروف آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دُنيا جي گهٽ وڌ 200 مُلڪن ۾ مَدَني پيغام پهچي چڪو آهي. سڄي دُنيا ۾ مُنَظَّم طريقي سان مَدَني ڪم ڪرڻ جي لاءِ 100 کان وڌيڪ شعبا قائم آهن. انهن مان هڪ شعبو ”مجلس مزاراتِ اوليا“ بہ آهي، هن شعبي جا ذِميدار ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جي مبارڪ مزارن تي حاضر ٿي مُختلف ديني خِدمتون ادا ڪندا آهن، مثال طور وس آهر صاحبِ مزار جي عُرس جي موقعي تي اِجتماعِ ذِڪر و نعت جو اِنعقاد ڪرڻ، مزارن جي ويجهو وارين مسجدن ۾عاشِقانِ رسول جا مَدَني قافلا ترسائڻ ۽ خاص ڪري عُرس وارن ڏينهن ۾ مزار شريف جي اِحاطي ۾ سُنّتن ڀريا مَدَني حلقا لڳائڻ، جن ۾ وُضُو، غُسْل، تَيَمُّمْ، نماز ۽ اِيصالِ ثواب جو طريقو، مزار تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سُنّتون سيکاريون وينديون آهن ۽ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماعن ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي، عرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي بارگاهہ ۾ تمام گهڻي اِيصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ ۽ صاحبِ مزار بُزرگ جي سَجّاده نشين، خليفن ۽ مَزارن جي مُتَوَلِّي صاحبان سان ڪڏهن ڪڏهن مُلاقات ڪري انهن کي دعوتِ اسلامي جي خِدمتن، جامعاتُ المدينہ ۽ مدارِسُ المدينہ ۽ بيرونِ مُلڪ ۾ ٿيڻ وارن مَدَني ڪمن سان آگاهہ ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ويندي آهي.



www.dawateislami.net

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص315)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي هڪ ٻي ڪرامت جي باري ۾ ٻڌون ٿا جنهن ۾ پاڻ غيب جي خبر ڏيندي هڪ غير مُسلم راجہ جي اِقتدار جي زوال بابت پيشگي خبر ارشاد فرمائي جيئن تہ،

تمہارے مُنہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی

اجمير جي راجہ، سلطنت جي طاقت تي جڏهن مُسلمانن کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون، تہ ان جي ڪفر کان پاسو نہ ڪرڻ ۽ مُسلمانن تي بِلاوجہ ظُلم و ستم ڪرڻ جي ڪري هڪ ڀيري حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جلال ۾ اچي ان جي باري ۾ فرمايو تہ جيڪڏهن اهو نہ مڙيو تہ زنده حالت ۾ اسلامي لشڪر جي حوالي ڪيو ويندو ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو جو

سُلطان شهابُ الدّين غوري هڪ خواب ۾ پنهنجي پاڻ کي خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جيَ سامهون ڏٺو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ اي شهابُ الدّين،الله عَزَّوَجَلَّ تو کي هند جي بادشاهت عطا ڪري ڇڏي آهي. تنهنڪري هتيَ اچي هن ظالم راجہ کي ڪيفرِ ڪردار تائين پهچا، جڏهن سُلطان شهابُ الدّين بيدار ٿي پنهنجي دربار جي مُعَزَّز ماڻهن جي سامهون اهو خواب بيان ڪيو تہ سيني ان کي هند جي فتح يابي جي مُبارَڪ باد ڏني، پوءِ اهو پنهنجي فوج سان گڏ هند ڏانهن روانو ٿيو ۽ اجمير پهچي ان راجہ سان ڪيئي جنگيون ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ راجہ کي آخرڪار عبرتناڪ شِڪست ٿي ۽ خواجہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي



www.dawateislami.net

فرمان مُطابق ان کي زنده گرفتار ڪري سُلطان غوري جي سامهون پيش ڪيو ويو .[25]

تمہارے مُنہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی
کہا جو دن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

خواجهءِ خواجگان، خواجهءِ اجمير حضرت سَيدُنا خواجه مُعينُ الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي باري ۾ منقول آهي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي ڪرامت جي ذريعي رات جي مختصر حصّي ۾ اجمير شريف کان هزارين مِيل پري مڪي شريف جي پُرڪيف فضائن ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ سڄي رات خانۂ ڪعبہ جي طواف ۾ مشغول رهندا ۽ پوءِ فجر کان پهريان پهريان پنهنجي حُجري ۾ واپس موٽي ايندا هئا، جيئن ته

## هر رات طوافِ خانۂ ڪعبہ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 31 صفحن تي مشتمل رسالي ”فيضانِ خواجه غريب نواز“ جي صفحي 24 تي آهي ته حضرت سَيدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو ڪو مُريد يا اهلِ محبت، جيڪڏهن حج يا عُمري جي سعادت ماڻيندو ۽ طوافِ ڪعبہ جي لاءِ حاضر ٿيندو هو ته ڏسندو هو ته خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪعبي جي طواف ۾ مشغول آهن، هوڏانهن گهروارا ۽ ٻيا عزيز اهو سمجهندا هئا ته

[25] ... سِيَرُ الاقطاب ،ص ۱۴۸۔انيسُ الاَرواح،ص ۱۲۰مفهوماًوملخصاً



www.dawateislami.net

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي حُجري ۾ موجود آهن.آخرڪار هڪ ڏينهن اهو راز کلي پيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بيتُ الله شريف حاضر ٿي سڄي رات طوافِ ڪعبہ ۾ مشغول رهندا آهن ۽ صبح جو اَجمير شريف واپس اچي باجماعت فجر جي نماز اَدا فرمائن ٿا.(26)

حج کی مل جائے سعادت سبز گنبد دیکھ لوں
ہاتھ اُٹھا کر کر دُعا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور تي انسان جڏهن هن فاني جهان مان هليو ويندو آهي، تہ، ان مان حاصل ٿيڻ وارن فائدن ۽ نتيجن جو سلسلو بہ ختم ٿي ويندو آهي، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي مُقرَّب بانهن جو مُعاملو هن جي اُبتڙ هوندو آهي، اهي نُفُوسِ قُدسِيہ نہ صرف پنهنجي ظاهري حيات ۾ مخلوقِ خُدا کي فائدا پهچائيندا آهن ۽ انهن جون خالي جهوليون مُرادن سان ڀرندا آهن، بلڪ انهن جي عنايتن ۽ نوازشن جو اهو سلسلو وصال کان پوءِ بہ جاري رهندو آهي. ڏکويل، بي سهارا، غم جا ماريل، اولاد جي نعمت جا طلبگار، ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي طرفان لَا عِلاج قرار ڏنل ۽ گُناهن جي آلودگين کان نجات حاصل ڪرڻ جا خواهش مند هزارين ماڻهن کي انهن جي آستانن تي اچي ۽ مَن جون مُرادون حاصل ڪندا آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيدُنامُعينُ الدّين حَسَن سَنْجَري چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بہ الله عَزَّوَجَلَّ جا اهي عظيم ولَي آهن جو جيستائين اوهان ظاهري حيات سان مُتَّصِف رهيا، مخلوقِ خُدا کي فيضياب ڪندا رهيا ۽ اڄ جڏهن تہ

[26] ... اقتباس الانوار،ص٣٧٣ ملخصاً



www.dawateislami.net

پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جي ظاهري وِصال کي صديون گذري چڪيون آهن، پر ان جي باوجود به سندن ڪرم وارو باب پنهنجي چاهڻ وارن جي لاءِ ساڳي طرح کليل آهي، اڄ به ماڻهن جي دلين تي اوهان جي حُڪمراني جو سِڪّو قائم آهي، ۽ مزارِ پُرانوار تي اچڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان شِفا ڏين ٿا ۽ اُنهن جي دَستگِيري فرمائن ٿا.

يا معينَ الدِّين! آؤ اب مدد کے واسطے
ہو کرم بدحال پراے چشتیوں کے تاجدار

(وسائلِ بخشش مرمم، ص222)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو وڏيڪ به (2) ڪرامتون ٻڌون ٿا. جيئن

## انوکو خزانو

حضرت سَيدُنا خواجه غريب نواز رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جي مبارڪ آستاني تي روزانو ايتري قدر لنگر جو اهتمام هوندو هو جو سڄي شهر مان غريب ۽ مسڪين ايندا ۽ پيٽ ڀري ڪائيندا هئا. خادم جڏهن اَخراجات جي لاءِ پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض ڪندا ته پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه مُصلّي جو ڪنارو کڻي وٺندا هئا جنهن جي هيٺ رحمتِ اِلٰهي جا خزانه ئي خزانه نظر ايندا هئا، پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه خادم کي فرمائيندا هئا ته اڄ جي لنگر جي لاءِ جيتري رقم جي ضرورت آهي، هتان کان کڻي وٺو، پوءِ خادم ضرورت مطابق کڻي وٺندو هو.[27]

---

[27] ... اقتباس الانوار،ص۳۷۶ ملخصاً



www.dawateislami.net

جھولیاں بھرتے ہو منگتوں کی مجھے بھی ہو عطا　　حِصّۂ جُود و سَخا خواجہ پیا خواجہ پیا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص537)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خواجہ جي صدقي صحت يابي

اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسنَّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: حضرت خواجہ(غريب نواز رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه) جي مزار تان تمام گهڻا فُيوض و برڪات حاصل ٿيندا آهن، مولانا بَرَڪات احمد صاحب مرحوم (رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه) جيڪي منهنجا پير ڀاء ۽ منهنجي والدِ ماجد رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه جا شاگرد هئا. اُنهن مون کي ٻڌايو ته مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته هڪ غيرمُسلِم جنهن جي مٿي کان پيرن تائين ڳڙ هئا، اللّٰهعَزَّوَجَلَّ ئي ڄاڻي ٿو ته ڪيتري قدر هئا، نيڪ ٻنپهرن جو ايندو هو ۽ درگاهه شريف جي سامهون گرم ڪنڪرين ۽ پٿرن تي ريڙهيون پائيندو هو ۽ چوندو هو ”اي خواجَ غريب نواز رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه! جلن ٿئي پئي، ٽئين ڏينهن مون پاڻ ڏٺو ته اهو بلڪل نيڪ ٿي ويو هو.[28]

خواجۂ ہِندوہ دربار ہے اعلیٰ تیرا　　کبھی مَحروم نہیں مانگنے والا تیرا

جو گیا اجمیر میں دل کی مرادیں پا گیا　　میرے خواجہ کے سخی دربار پر لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[28]... ملفوظاتِ اعلی حضرت، ص۳۸۴بتغير قليل



www.dawateislami.net

## رسالہ ”فيضانِ خواجہ غريب نواز“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خواجۂِ خواجگان حضرت سَيِدُنا خواجہ مُعينُ الدّين چشتي اجميري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي فيض ۽ برڪتن سان مالا مال ٿيڻ ۽ سندن سيرت و ڪرامات جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل 2 رسالا، ”خوفناڪ جادوگر ۽ فيضانِ خواجه غريب نواز“ جو مُطالعو ڪرڻ نهايت مُفيد آهي.

اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هنن رِسالن ۾ خواجہ غريب نواز جي سيرت، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي داتا علي هجويري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سان عقيدت، سندن سادگي، پاڙيسرين سان حُسنِ سُلوڪ، عفو و درگُذر، خوفِ خُدا، مُسلمانن جي پرده پوشي، ملفوظات ۽ ڪرامات کي نهايت سهڻي ۽ آسان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هنن رِسالن کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هَدِيو ڏئي طَلَب ڪري پاڻ بہ انهن جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان انهن رِسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان عطاءِ رسول، بهارِ چِشت جي گل حضرت سَيِدُنا خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جون ڪرامتون ٻڌڻ جي



www.dawateislami.net

سعادت حاصل ڪئي. پاڻ سڄي زندگي دينِ اسلام جي سربلندي جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف رهيا، هن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جيان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه به مختلف مقامن جا سفر ڪيا ۽ هن راهه ۾ اچڻ وارين تڪليفن کي خوش دلي سان برداشت ڪيو. اوهان جون ڪرامتون، رُعب ۽ دٻدٻو ڏسي بي شُمار غير مُسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ لکين ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي ويو. سبز وار جو حاڪم جيڪو هڪ ظالم ۽ جابر حڪمران هو، پر سندن ڪرامت جي برڪت سان ان کي سيني ٻرن عقيدن ۽ گُناهن کان توبه جي توفيق نصيب ٿي ايستائين جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کي پنهنجي خلافت سان به نوازيو. سندن هڪ ڪرامت اها به هئي جو جادوگرن جڏهن اوهان جو مقابلو ڪرڻ چاهيو ته اوهان انهن جي جادو جي اَثر کي زائل ڪري ڇڏيو ۽ آية الڪرسي پڙهي دَم ڪيل مٽي انهن تي اڇلائي ته انهن جي جسم ۾ هلڻ ڦرڻ جي طاقت ئي نه رهي بلڪ اُنهن جو مذهبي پيشوا اوهان جي ڪرامت ڏسي اسلام قبول ڪري ورتو. اللهعَزَّوَجَلَّ اوهان کي سوين مِيل پري جا آواز ٻڌڻ ۽ مُردا زنده ڪرڻ جي علاوه ٻين ڪيئي ڪرامتن سان نوازيو هو، اهو ئي سبب هو جو هڪ پيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي جُوتيون ٻاهر ۾ وڌيون ته ٻاهه انهن کي نه ساڙيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪراماتي طور تي هر رات پنهنجي حُجري کان هزارين مِيل پري واقع بيتُالله شريف وڃي سڄي رات طواف ۾ مشغول رهندا هئا ۽ فجر کان پهريان واپس موٽي ايندا هئا، سندن جي دربار ۾ سوالين جي اچ وڃ رهندي ۽ پاڻ پنهنجي مُصَلّي جي هينيان رحمتِ الٰهي جا خزانا انهن ۾ ورهائيندا رهيا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [29]

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مُسلمان مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نِنڊ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان ننڊ ڪرڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان ٻہ فرمانِ مُصۡطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ٿين: ❁ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ننڊ پسند آهي ۽ اوٻاسي ناپسند. [30] ❁ جڏهن ڪنهن کي ننڊ اچي ۽ اُهو اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوي تہ ملائڪ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: اللّٰهعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. [31] ❁ ننڊ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، ننڊ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. [32] ❁ ننڊ اچڻ وقت اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ننڊ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ يا اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ❁ ٻڌڻ واري تي

---

[29]… مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

[30]… بخارى،۱۶۳/۴،حديث:۶۲۲۶

[31]… معجم كبير،۳۵۸/۱۱،حديث:۱۲۲۸۴

[32]… رَدُّالْمُحتار،۶۸۴/۹



www.dawateislami.net

واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُکَ الله (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇِڪَ ڏيڻ وارو ٻڌي.[33] ❁ جواب ڏيڻ وارو چوي: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: "يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري)[34] ❁ جيڪو ڇِڪَ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. [35] ❁ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو ڇِڪَ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڙهہ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو.[36]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل بہ ڪتاب"**بهارشريعت**" حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120صفحن تي مشتمل ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

---

33 ... بہارِشریعت،حصّہ۱۶،۱۱۹/

34 ... فتاویٰ ہندیۃ،۳۲۶/۵

35 ... مرآۃ المناجیح،۳۹۶/۶

36 ... مرقاۃ المفاتیح، ۸/ ۴۹۹،تحت الحدیث:۴۷۳۹



www.dawateislami.net

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(37)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

37...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277، )

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149 )

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[38]

[38]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[39]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[40]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[39] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[40] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب في ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعبَانَ وَ بَلِّغنَا رَمَضَان۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)



www.dawateislami.net